PRESS RELEASE

Consulate General of the United States – Karachi, Pakistan

ڊسمبر 6، 2014

رابطي لاءِ برائن آسمس، ترجمان، (02135275375)
امريڪن قونصليٽ جنرل ڪراچي

امريڪا جي مشهور صوفي قوال گروپ سچل سرمست جي درگاهه تي حاضري پري فن جو مظاهرو ڪيو

درازا شريفــ امريڪا مان سنڌ ۾ پنجاب جي دوري تي آيل مشهورصوفي قوالي گروپ فنا في الله درازا شريف ۾ سنڌ جي عظيم صوفي شاعر حضرت سچل سرمست جي درگاهه تي حاضري پري ۽ ڪيس پنهجي قوالي راڳ جي ذريعي خراج عقيدت پيش ڪيو. 18 صدي جي هن صوفي شاعر جي درگاهه تي سالن کان سندس صوفياڻو ڪلام پيش ڪندر فقيرن کان هنن سندس ڪلام پڻ ٻڌو.

فنا في الله صوفي بينڊ ۾ 6 امريڪي ۽ 4 پاڪستاني قوال ميمبرشامل آهن، هي قوالي گروپ گذريل 13 سالن کان پاڪستان، امريڪا، يورپ، انڊيا، مصر، انڊونيشيا سميت مختلفن ملڪن ۾ پنهجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي، سندن صوفي راڳ جو مقصد امن، هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ ۽ پاڻ اريڙ جي قدرن کي عام ڪرڻ آهي.

پاڪستان جي هن دوري دوران هي قوال گروپ سنڌ ۾ پنجاب جي مخلتف شهرن ۾ پنهجي فن جو مظاهرو ڪندا، جنهن دوران هو صوفي قوالي جي موسيقي ۽ راڳ بابت نوجوانن کي ورڪشاپ جي ذريعي ڄاڻ ڏيندا، هن قوالي راڳ جي دوري جو انتظام اوسافي ۽ چشتيا ربات صوفي اسٽڊيز سينٽر ڪري رهيا آهن.

#######